

# موجوده رياستي بحران
# کي عوام ڪيئن ٿو ڏسي؟

**_ جامي چانڊيو**

پاڪستان جي رياستي ۽ سياسي صورتحال تہ هونئن ئي بدترين بحران جو شڪار هئي پر گذريل ڇهن مهينن کان ان ۾ تمام گهڻي تيزي آئي آهي. مسلسل بحرانن ۾ عوام جي وڏي گهڻائيءَ هن ڀيري ڪنهن وڏيءَ مزاحمت بدران صورتحال کي دلچسپيءَ سان ڏٺو آهي. ان ڪري رياستي جبر جو شڪار بہ عام ماڻهوءَ بدران وڪيلن، ججن، سياستدانن، صحافين، ميڊيا جي مالڪن ۽ انهن ماڻهن تي پيو آهي، جن کي عام ماڻهوءَ جي ڀيٽ ۾ خاص يا روايتي معنيٰ ۾ ”وڏو ماڻهو“ چيو ويندو آهي. نتيجي ۾ پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ”خاص ماڻهن“ کي عام ماڻهن جي اهميت جي خبر پئي آهي، جن گذريل سٺ سالن کان اڪيلي سِر گهڻ طرفي رياستي جبر کي ڀوڳيو آهي. هن دفعي پهريون ڀيرو رياستي جبر ۽ ڪردار جو ٿورو ذائقو انهن ماڻهن، گروهن ۽ طبقن بہ چکيو آهي، جن کي سمورن مسئلن باوجود رياست پنهنجي لڳندي هئي. ان ڪري هن ڀيري حتمي طور اِها ڳالهہ مٿن واضح ٿي آهي، تہ هن رياست جو حقيقي مزاج، ڪارج ۽ ڪردار ڇا آهي؟



جيتوڻيڪ موجوده رياستي ۽ سياسي صورتحال تي هر سطح تي بحث مباحثو جاري آهي ۽ هر طبقو ۽ گروهہ ان کي پنهنجيءَ پنهنجيءَ اک سان ڏسي رهيو آهي پر ضرورت آهي، تہ هن بحران کي خاموش اڪثريت جي اک سان بہ ڏٺو وڃي ۽ اُهي مشاهدا، تجربا، خطرا، امڪان ۽ خدشا پڻ سامهون آندا وڃن، جن کي عام ماڻهو يعني عيسو، موسو ۽ خميسو محسوس ڪري رهيو آهي. اچو تہ عوامي محسوسات جي اک سان پاڪستان جي هن موجوده رياستي ۽ سياسي بحران کي ڏسون.

(1) هونئن بہ عوام کي پاڪستان ۾ ڪڏهن بہ بنيادي تہ ڇا پر ثانوي اهميت بہ نہ ملي آهي ۽ نہ ڪڏهن رياستي، سياسي، آئيني ۽ معاشي وهنوار ۾ ان جو ڪو اهميت جوڳو ڪردار رهيو آهي. پر مشرف جي گذريل اٺن سالن جي دؤر ۾ ۽ خاص طور تي گذريل ڇهن مهينن جي بدترين بحران ۾ عوام کي ٻين ڳالهين سان گڏوگڏ هڪ ڳالهہ جو شديد احساس تہ ڇا پر پختو ويساهہ ٿيو آهي، تہ هي ملڪ نہ عوام جو آهي، نہ عوام پاران آهي ۽ نہ ئي عوام لاءِ آهي. موجوده رياستي بحران ۾ عوام جي مزاحمتي ۽ سرگرم ڪردار سامهون نہ اچڻ جو هڪ بنيادي سبب اهو بہ آهي. عوام جي وڏي گهڻائيءَ جي شديد احساس کي هڪ حتمي ويساهہ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، تہ هن ملڪ جو نہ ساڻن ڪو تعلق آهي ۽ نہ ئي هو ان جي رياستي معاملن بابت ڪا گهڻي تڪليف گوارا ڪن. ڇاڪاڻ تہ هي ملڪ اندروني طور پنجاب جي حڪمران طبقي يعني سول ۽ ملٽري اسٽيبلشمينٽ ۽ سندن جوڙيوال گروهن ۽ خاندانن توڙي نام نهاد سياسي پارٽين جو آهي، جن کي قبضي ۾ آيل رياست جي وهنوار لاءِ عوام جي ڪنهن بہ سطح تي ڪا بہ ضرورت نہ آهي.

(2) هونئن تہ پاڪستان پنهنجي قيام کان اڄ تائين ڪڏهن بہ هڪ آزاد رياست نہ رهيو آهي. ان ڪري 14 آگسٽ کي آزاديءَ جو ڏينهن سڏڻ تاريخ سان هڪ سنگين مذاق آهي. پاڪستان پنهنجي بنيادي قيام کان وٺي اڄ تائين بنيادي طور Anglo-American مفاد جي هڪ ڳيجهو رياست رهيو آهي، جنهن کي اڄوڪي عالمي سياسي ٻوليءَ ۾ Client State يا Banana State چيو وڃي ٿو. پر جنرل مشرف جي دؤر ۾ عوام کي اها حقيقت نهايت واضح طور سمجهہ ۾ آئي آهي تہ حڪمران طبقي هن ملڪ کي پنهنجن گروهي مفادن تحت اينگلو آمريڪي عالمي سامراج کي وڪڻي ڇڏيو آهي. اڄ پاڪستان ۾ ٻار ٻار کي اها حقيقت چڱيءَ ريت معلوم آهي، تہ پاڪستان جي رياستي خود مختياريءَ جي اصل صورتحال ڇا آهي؟

(3) جنرل مشرف گذريل اٺن سالن ۾ جنهن انداز سان پنهنجيورديءَ جي سگهہ جو ناجائز ۽ بي دريغ استعمال ڪيو ۽ نتيجي ۾ جيترو فوج وڏيڪ بدنام ٿي ۽ عوام ۽ فوج جو

تضاد وڌيو ان مان عوام جي هڪ حصي کي شروع ۾ اِها اُميد هئي تہ ممڪن آهي تہ فوج بطور اداري جي هڪ حد تائين وڌيڪ ايئن ڪرڻ جي اجازت نہ ڏئي، پر مشرف جي اٺن سالن جي دؤر حتمي طور ثابت ڪيو تہ هن ملڪ تي قابض اهو ٽولو ڪڏهن بہ آسانيءَ سان ايئن هٿ نہ ڪيندو. يعني هڪ وڏي مزاحمت ۽ حتمي ڇيهہ کان سواءِ طاقت جي توازن جو اهو نبيرو نہ ٿيندو. ظاهر آهي تہ اهو ڇيهہ عوام جي وڏي اڪثريت جي مزاحمت کانسواءِ نہ ٿيندو ۽ عوام تي ويءَ جي ٽاڪ شوز تي نہ پر سياسي پارٽين جي جدوجهد ۽ حڪمت عمليءَ سان ئي مزاحمت ڪندو آهي. ان حوالي سان سياسي پارٽين تي سڌيءَ توڙي اڻ سڌيءَ ريت عوام جو دٻاءَ وڌيو آهي. اها ڳالهہ هاڻي واضح ٿي چڪي آهي تہ پريس رليز ڪلچر ۽ رسمي سياسي سرگرمين سان هيءُ ٻُنڌُ نہ ڪَڇي سگهندو ۽ سياسي پارٽيون اهو ٻُنڌُ ڪٽڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ نہ ئي وري في الحال منجهن اهڙي اهليت آهي.

(4) عام طور اهو چيو وڃي ٿو تہ هن پيري سياسي پارٽين عوام کي مايوس ڪيو آهي، جيتوڻيڪ مجموعي طرح اها هڪ حقيقت آهي پر گهرائيءَ سان ڏٺو وڃي تہ اصل حقيقت اها آهي، تہ هن دفعي عوام بہ سياسي پارٽين کي مايوس ڪيو آهي ۽ جاڻي واڻي مايوس ڪيو آهي. پاڪستان ۾ سياسي پارٽين آهستي آهستي عوام کي سياست ۽ طاقت جو سرچشمو سمجهڻ ڇڏي ڏنو. نتيجي ۾ انهن عوام کي سياست ۾ شامل ڪرڻ ۽ مٿن ڀاڙڻ بہ ڇڏي ڏنو ۽ ايئن عوام کي رياست ۽ سياست کان لاتعلق ڪيو ويو. جڏهن عوام ڏٺو تہ رياست ۽ سياست تي قابض ٽرين جي مرضي آهي تہ عوام سياست کان ”پرهيز“ ڪري، تڏهن بتدريج عوام بہ منجهائن هٿ ڪڍيا آهن. رياست ۽ سياست سان عوام جي لاتعلقي هن بحران ۾ وڌيڪ شدت سان سامهون آئي آهي. هاڻي سياسي پارٽيون ايئن اڳ جيان عوام کي وڏي انگ ۾ ٻاهر نٿيون ڪڍي سگهن. ان ڪري سياسي پارٽين لاءِ هاڻي مزاحمتي سياست ڪرڻ ڏکي ٿي پئي آهي، جو کين خبر آهي تہ هن پيري لَٺيون پولڙن کان اڳ ۾ مالڪ کائيندا.

(5) جيتوڻيڪ مشرف وردي لاهي چڪو آهي، سندس اعلان موجب 16 ڊسمبر تي ايمرجنسي پڻ هٽائي ويندي ۽ ملڪ ۾ چونڊن جي تاريخ جو اعلان ٿي چڪو آهي. چونڊن ۾ حصو وٺڻ جون خواهشمند پارٽيون سرگرميءَ سان چونڊن جي تياريءَ کي جُنبي ويون آهن پر هن دفعي چونڊون عام ماڻهوءَ لاءِ ڪنهن بہ دلچسپيءَ جو سامان نٿيون رکن، جو کين خبر آهي تہ مشرف جي صدارت، محمد ميان سومري جي وزارت عظميٰ ۽ موجوده اليڪشن ڪميشن هيٺ جيڪي چونڊون ٿينديون، انهن جي اصل حقيقت ڇا هوندي؟ هونئن جڏهن بہ آمريت کان پوءِ چونڊون ٿيون آهن، تڏهن عوام ان ۾ دلچسپي پئي ورتي آهي پر هي شايد ملڪي تاريخ جو واحد موڙ آهي، جتي طويل آمريت کانپوءِ چونڊن جي



سلسلي ۾ عوام ۾ ڪوبہ وڏو تحرڪ نظر نٿو اچي. چونڊن کان عوام جي اِها لاتعلقي دراصل چونڊن جي هن سموري بوگس نظام سان عوام جي نفرت ۽ بي اعتماديءَ جو اظهار آهي. نظر اهو پيو اچي تہ هن پيري سياسي پارٽين لاءِ عوام کي ووٽن لاءِ ٻاهر ڪڍڻ نهايت ڏکيو ڪم هوندو ۽ ووٽن جي امڪاني گهٽ ٽرن آئوٽ جو سڌو فائدو اسٽيبلشمينٽ ۽ ان جي پاليل سياسي پارٽين کي ئي ٿيندو.

مٿين سمورين حقيقتن جي روشنيءَ ۾ چئي سگهجي ٿو تہ ايندڙ وقت جون حالتون عوام ۽ رياست جي تضاد کي اڃا وڌيڪ تيز ڪنديون، ڇاڪاڻ تہ جن محرڪن سبب اهو تضاد گهٽبو آهي، انهن جو پري پري تائين ڪو نشان نظر نٿو اچي.